# ويران محل

سنڌي ترجمو



هن رسالي ۾ ......


بانس جي جهوپڙي 5 ❁ عبرت انگيز ڪتبو 10

بارونق گهر ڏسي روئي پيا 12 ❁ موت جو تصور 13

طبيعت پچڻ تي بيهوش 20



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



مدني چينل ڏسندا رهو



مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰهِ

هي رسالو ”**ويران محل**“ شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي .

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي . جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر:** 021-4921389-90-91

E-mail.majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ويران محل

**شايد نفس رڪاوٽ وجهي پر توهان هي رسالو مڪمل پڙهي ڪري پنهنجي آخرت جوڀلو ڪريو.**

## درود شريف جي فضيلت

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جو فرمانِ عاليشان آهي ته: جنهن مون تي سڄي ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو اهو ايستائين نه مرندو جيستائين جنّت ۾ پنهنجي جڳهه نه ڏسي وٺي .

(الترغيب والترهيب ج 2 حديث 2483 ص 499 دار ابن ڪثير بيروت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سيّدنا جُنيد بغدادي عليه الرحمة الهادي بيان فرمائن ٿا: هڪ ڀيري منهنجو ڪوفي وڃڻ ٿيو، اتي هڪ امير شخص جي عاليشان محل تي منهنجي نظر پئي جنهن مان عيش وعشرت جي جهلڪ اچي رهي هئي، دروازي تي نوڪرن جو ميڙ لڳل هو ۽ دريءَ مان هڪ سني آواز واري ٻانهيءَ هي گيت ڳائي رهي هئي.

هي بيان امير اهلسنّت (دامت برڪاتهم العاليه) تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي اجتماع 23.22.21شعبان 1424 ھ آچر جي ڏينهن مدينة الاولياء ملتان) ۾ فرمايو. ضروري ترميم سان حاضرِ خدمت آهي . مجلس مڪتبة المدينه

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

اَلا يَا دَارُ لاَ يَدخُلكِ حُزنٌ وَلا يَعبَث بِسَاكِنِكِ الزَّمَانُ

يعني: اي گهر ! تو ۾ ڪڏهن غم داخل نہ ٿئي ۽ تنهنجي اندر رهڻ وارن کي زمانو ڪڏهن بہ پامال نہ ڪري.

ڪجهہ عرصي کانپوءِ منهنجو وري ان محل تان گذر ٿيو تہ ان جي دروازي تي ڪاراڻ ڇانيل هئي، نوڪر چاڪر غائب هئا، ۽ ان ويران محل تي ڀَجڻ ڀُرڻ جا آثار واضح نظر اچي رهيا هئا. زبانِ حال، وقت جي هٿان ان جي ناپائيداري ظاهر ڪري رهي هئي. فنا جي قلم ان جي ديوارن تي سجاوٽ ۽ سينگار جي جڳهہ تي بربادي ۽ عبرت کي لکي ڇڏيو هو، هاڻي اتي خوشي ۽ مسَّرت بدران فنا جي سُر ۽ غم ۽ وحشت جو گيت گونجي رهيو هو.

مون ان محل جي وحشت انگيز ويرانيءَ جي متعلق پڇيو، معلوم ٿيو تہ اهو امير شخص مري ويو، نوڪر هليا ويا، آباد گهر اُجڙي ويو، عظيم الشّان محل ويران ٿي ويو جتي هر وقت ماڻهن جي اچ وڃ سان رونق رهندي هئي هاڻي اتي خاموشي ڇانئجي وئي.

حضرت جُنيد بغدادي علیه رحمة الهادي فرمائن ٿا: ”مون ان ويران محل جو دروازو کڙڪايو تہ هڪ ٻانهيءَ جو جهيڻو آواز آيو، مون ان کان پڇيو تہ هن محل جي شان ۽ شوڪت رونق

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

ڪيڏانهن وئي؟ ان جون روشنيون ۽ ان جا جهرمر ڪندڙ شُعاع وارا بلب ڪيڏانهن ويا؟ ۽ ان ۾ رهندڙن تي ڇا گذريو؟ منهنجي پڇڻ تي اها پوڙهي ٻانهي روئڻ لڳي ۽ ان ويران محل جو داستانِ غم نشان ٻڌائڻ شروع ڪيو ۽ چيو تہ ان ۾ رهندڙ عارضي طور تي هتي رهائش پذير هئا، انهن جي تقدير انهن کي مَحَل مان قبر ۾ مُنتَقِل ڪري ڇڏيو. هن ويران محل ۾ رهڻ واري هر خوشحال ڀاتيءَ ۽ ان جي سڄي مال مَتاع کي زوال اچي ويو، ۽ هي ڪا نئين ڳالهہ ناهي، دنيا جو هي دستور آهي تہ جيڪو بہ هن ۾ ايندو ۽ خوشيون ڏسندو آهي آخرڪار اهو موت جو ڏک ڏسندو ۽ ويران قبرِستان ۾ پهچي ويندو آهي. جيڪو هن دنيا سان وفا ڪندو آهي، هي ان سان بي وفائي ضرور ڪندي آهي، مون ان ٻانهيءَ کي چيو تہ هڪ دفعي مان هتان گذريو هيس تہ هن دريءَ مان هڪ ٻانهي هي گيت ڳائي رهي هئي.

اَلا يَا دارُ لاَ يَدخُلکِ حُزنٌ وَلا يَعبَث بِسَاکِنِکِ الزّمَانُ

يعني:”اي گهر! تو ۾ ڪڏهن غم داخل نہ ٿئي ۽ تنهنجي اندر رهڻ وارن کي زمانو ڪڏهن بہ پامال نہ ڪري.“

اُها ٻانهي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي ۽ چيائين تہ اها بدنصيب ڳائڻي مان ئي آهيان، هن ويران محل جي رهندڙن مان هاڻي مون

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

ڪان علاوه ٻيو ڪوبہ زندهہ ناهي رهيو. پوءِ هن ڏکويل دل مان ٺڏو ساهہ ڀري چيو: "**افسوس آهي ان تي جيڪو هي سڀ ڪجهہ ڏسي ڪري بہ** (فاني) **دنيا جي ڏوڪي ۾ مبتلا رهندي پنهنجي موت کان غافل ٿي وڃي.**" (روض الرياحين ص 110 دارالمطبعة الميمنية مصر)

## عبرت ئي عبرت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ويران محل جي حڪايت پنهنجي رهندڙن جي فنا جي هٿان نابود ٿيڻ جو ڪيڏو عبرتناڪ منظر پيش ڪري رهي آهي! آهہ! اهي ماڻهو فاني دنيا جي عيش و آرام جي ڪري خوش باش، زوال ۽ فنا کان بي خوف، موت جي تصوّر کان لَاعِلمي ۽ دنيا جي لذتن ۾ بد مست هئا. هن ناپائيدار گهر ۾ اوچتي موت اچڻ جي انديشي کان ناواقف، پختن ۽ عمده گهر ٺاهڻ ۽ انهن کي خوبصورت شين سان سينگارڻ (Decorate) ۾ مصروف هئا ۽ قبر جي انڌيرن ۽ ان جي وحشتن کان بي خوف ٿي **جهرمر جهرمر** ڪندڙ فانوس ۽ بلبن سان پنهنجي گهرن کي روشن ڪرڻ ۾ مشغول هئا، ٻارن ٻچن جي عارضي محبت، دوستن جي وقتي دوستي ۽ نوڪرن جي خوشامدانہ خدمت جي ڏوڪي ۾ قبر جي اڪيلائيءَ کي وساري ويٺا هئا، پر **افسوس!** اوچتو فنا جي ڪکر گجگوڙ ڪئي، موت جي آنڌي آئي ۽ انهن جون دنيا ۾ گهڻو عرصو رهڻ جون اميدون

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

خاڪ ۾ رهجي ويون، انهن جا خوشين ۽ شادمانين سان آباد گهر موت ويران ڪري ڇڏيا، انهن کي روشنين سان جهرمر ڪندڙ محلن مان سخت انڌيري قبرن ۾ منتقل ڪيو ويو، آهہ! اهي ماڻهو ڪلهہ تائين تہ ٻارن ٻچن جي رونق ۾ خوش ۽ سرها هئا ۽ اڄ قبر جي وحشتن ۽ اڪيلائين ۾ غمگين ۽ پريشان آهن .

اَجَل نے نہ کِسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا   اِسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا

ہر اِک لیکے کیا کیا نہ حسرت سدھارا   پڑا رہ گیا سب یُونہی ٹھاٹھ سارا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## دنيا جو ڌوڪو

هن حڪايت جي آخر ۾ ٻانهيءَ جي نصيحت ۾ ٻہ عبرت جا بيشمار مدني گل آهن، پر افسوس آهي ان تي جيڪو دنيا جي فريبن کي ڏسڻ جي باوجود بہ ان جي ڌوڪي ۾ مُبتلا رهي ۽ موت کان بلڪل غافل ٿي وڃي . واقعي جيڪو دنياوي زندگيءَ جي ڌوڪي ۾ پئجي پنهنجي موت ۽ قبر ۽ حشر کي وساري ڇڏي، الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ لاءِ عمل نہ ڪري اهو نهايت ئي مذمت جي قابل آهي، ان جي ڌوڪي کان بچڻ جي لاءِ اسان کي اسانجو پالڻهار خود تنبيهہ فرمائي رهيو آهي، جيئن 22 سيپاري جي سُورۃُالفَاطِر جي آيت 5 ۾ ارشاد فرمايو آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۥ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ○ (پ 22 الفاطر: 5)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي انسانو! بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) جو واعدو سچو آهي ، پوءِ توهان کي هرگز ڌوڪو نه ڏي دنيا جي زندگي ۽ هرگز توهان کي الله تعاليٰ جي حڪم تي ڌوڪو نه ڏي اهو وڏو ڌوڪيباز (يعني شيطان).

يقيناً جيڪو موت ۽ ان ڪانپوءِ وارن معاملن کان آگاهه آهي اهو دنيا جي فريبن ۽ سهولتن جي ڌوڪي ۾ نه ٿو پئجي سگهي.

## بانس جي جهوپڙي

روايت آهي ته حضرت سيّدنا نوح عليٰ نبيناوعليه الصلوٰة والسلام هڪ سادي بانس جي جهوپڙيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي عرض ڪيو ويو ته سنو ٿئي ها جو توهان ڪو عاليشان گهر نهرايو ها. فرمايائون: جيڪو مري ويندو (يعني جنهن کي موت جو يقين آهي) ان جي لاءِ هي به ڪافي آهي.(العقدالفريد ج 3 ص 146 داراحياءالتراث العربي بيروت)

افسوس جو اسان موت ڏانهن توجهه نه ڏيڻ ڪري دنيا ۾ عاليشان گهر نهرائڻ ۾ مشغول آهيون. اسان پنهنجن گهرن کي انگلش ٽائيلڊ باٿ، آمريڪن ڪچن، ماربل فلورنگ، وارڊ روب، فُل گِرل ورڪ، فل وُڊ وَرڪ، ايڪسٽرا ورڪ سان خوب سيگاريندا آهيون. هڪ عربي شاعر ڪيتري قدر درد ڀريل انداز ۾ اسان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ملاحظه ڪيو.

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.**

زَيَّنْتَ بَيْتَكَ جَاهِلاً وَّعَمَرْتَه، وَلَعَلَّ غَيْرَكَ صَاحِبُ الْبَيْتِ

مَنْ كَانَتِ الْاَيَّامُ سَائِرَةً بِهٖ فَكَاَنَّهُ قَدْ حَلَّ بِالْمَوْتِ

وَالْمَرْءُ مُرْتَهِنٌ بِسَوْفَ وَلَيْتَ وَهَلَاكُه، فِي السَّوْفِ وَاللَّيْت

فَلِلّٰهِ دُرُّفَتیً تَدَبَّرَ اَمْرَهُ

فَغَدَا وَرَاحَ مُبَادِرَ الْمَوْتِ

**ترجمو:** ﴿1﴾ (دنيا جي حقيقت ۽ آخرت جي معرفت کان) جهالت جي ڪري تون پنهنجي گهر کي سينگارڻ ۽ فقط ان کي ئي آباد ڪرڻ ۾ لڳل آهين، ۽ (تنهنجي مرڻ ڪانپوءِ) شايد تنهنجو غير هن گهر جو مالڪ ٿيندو ﴿2﴾ جنهن کي ڏينهن (جي گاڏي قبر ڏانهن) ڇڪيندي پئي وڃي. اهو ڄڻ موت سان ملي چڪو يعني تمام جلد مرڻ وارو آهي ﴿3﴾ ۽ ماڻهو (دنياوي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾) اميد ۽ آسرن جي ڄار ۾ گرفتار آهي حالانڪ انهن ڪوڙين اميدن ۾ ان جي تباهي لڪيل آهي. ﴿4﴾ ان جوان جو اجر الله تعاليٰ (جي ذمي ڪرم) تي آهي جنهن پنهنجي (قبر ۽ آخرت جي) معاملن جي تدبير ڪئي ۽ صبح شام موت جي تياري ڪرڻ ۾ جلدي ڪئي. الله عزوجل جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن کي عاليشان گهرن سان ڪيتريقدر بي رغبتي هئي، ان ڳالهه کي ”ابوداؤد شريف“ جي هن روايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو جيئن تہ:

## بلند عمارت ڍاهي ڇڏيائون

حضرت سيّدنا اَنَس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم **:جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مونِ تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.**

رسولُ الله صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ڪٿي تشريف ڪٽي ويا اسان بہ ساڻن گڏ هئاسين تہ تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم هڪ بلند عمارت ڏٺي فرمايائون: هي ڇا آهي؟ عرض ڪيو ويو: هي فلاڻي انصاريءَ جي آهي، (اهوٻڌي) مديني جي تاجور، سلطان بَحر و بَر، محبوب ربِّ اڪبر صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم خاموش ٿي ويا، ۽ هي ڳالهہ دل ۾ رکيائون ايتري تائين جو ان عمارت جو مالڪ اچي حاضر ٿيو. هن نبي پاڪ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کي ماڻهن (جي موجودگيءَ) ۾ سلام عرض ڪيو: پاڻ ان ڏانهن توجهہ نہ ڏنائون. ان (انصاري) اهو عمل ڪيترائي ڀيرا ڪيو، ايتري تائين جو ان (انصاري) شخص پنهنجي باري ۾ ناراضگي (جو اظهار) ۽ نبي پاڪ جي توجهہ نہ ڏيڻ تي ڄاڻي ورتو تہ ان نبي پاڪ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي صحابہ سان هن ڪيفيت کي بيان ڪيو ۽ چيائين تہ الله جو قسم! مان رسولُ الله صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کي ناراض ڏسان ٿو. صحابہ ڪرام عليهم الرضوان فرمايو: حضور صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن تشريف وٺي ويا هئا تہ تنهنجي عمارت ڏٺائون. (يعني اسان جو اندازو اهو ئي آهي تہ توڪان ناراضگي جو سبب تنهنجي نهرايل اها بلند عمارت آهي اهو ٻڌي) اهو (انصاري) پنهنجي عمارت ڏانهن موٽيو ۽ ان کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيائين.

(سنن ابوداؤد جلد4 حديث 5237 صفحو 402 دارالفڪر بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو آهي صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جو

عشقِ رسول . مفسرِ شهير حضرت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ المنان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا تہ مصطفيٰ جانِ رحمت، محبوب ربُّ العزّت صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کين نہ تہ ڏاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ نہ هي فرمايائون تہ هن طرح جي عمارت ناهڻ جائز ناهي، ان صحابيءَ کي فقط اندازو ئي هو تہ شايد تاجدارِ نبوت صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم هن عمارت جي ڪري مون کان ناراض ٿي ويا آهن پوءِ سندن هي ذهن بڻيو تہ هي عمارت منهنجي ۽ محبوب جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻجي وئي آهي تنهن ڪري ان کي ڏاهي ڇڏيائون، عمارت ڏاهڻ ۾ مال برباد ڪرڻ ۽ فضول خرچي ناهي بلڪ اصل مقصد محبوب کي پرچائڻ آهي، جيڪڏهن عمارت ڏاهڻ سان رسول ڪريم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن راضي ٿي وڃن تہ يقينًا يقينًا يقينًا سودو نهايت ئي سستو آهي، حضرت ابراهيم خليل الله (عليه السلام) تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرزند کي ذبح ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. (ملخصًا مراة شرح مشکوٰة ج 7 ص 21 طبع نعيمي ڪتب خانو گجرات) حضرت سيِّدنا اسماعيل ذبيحُ الله علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ذبح متعلق قرآني واقعو مشهور ۽ معروف آهي، اهو انهن سان ئي خاص هو، هاڻي ڪو خواب وغيره جو حڪم بڌي پنهنجي اولاد کي قتل نہ ٿو ڪري سگهي، ڪندو تہ قاتل ۽ جهنم جو حقدار قرار ڏنو ويندو.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

# عبرت انگيز ڪتبو

حضرت سيِّدنا ابوزَڪَرِيَّا تيمي عليه رحمة القوي فرمائن ٿا: ”خليفو سليمان بن عبدالملڪ مسجد حرام ۾ موجود هو ته ان وٽ هڪ پٿر آندو ويو جنهن تي ڪا تحرير نقش هئي، ان اهڙي شخص کي گهرائڻ جو حڪم ڏنو جيڪو ان کي پڙهي سگهي پوءِ مشهور تابِعي بُزُرگ حضرت وَهَب بِن مُنَبِّه رحمة الله تعالیٰ عليه تشريف کڻي آيا ۽ ان کي پڙهيائون، ان ۾ لکيل هو ته “ **اي اِبن آدم!** جيڪڏهن تون پنهنجي موت جي قريب هڻڻ کي ڄاڻي وٺين ته ڏِگهين اميدن کان پري رهي پنهنجي نيڪ عملن ۾ واڌارو ڪرين ۽ حرص، لالچ ۽ دنيا ڪمائڻ جون تدبيرون گهٽ ڪري ڇڏين. (ياد رک) جيڪڏهن تنهنجا قدم لڏي ويا ته قيامت جي ڏينهن توکي شرمندگي ڏسڻي پوندي، تنهنجا ٻار ٻچا توکان بيزار ٿي ويندا ۽ توکي تڪليف ۾ مبتلا ڇڏي ڏيندا، تنهنجا ماءُ پيءُ، رشتيدار ۽ دوست به توکان جدا ٿي ويندا، تنهنجي اولاد ۽ ويجها مائٽ تنهنجو ساٿ نه ڏيندا، پوءِ تون نه موٽي دنيا ۾ اچي سگهندين نه ئي نيڪين ۾ اضافو ڪري سگهندين، پوءِ ان حسرت ۽ شرمندگي جي گهڙيءَ کان اڳ ۾ آخرت جي لاءِ عمل ڪري وٺ .“

(ذم الهويٰ با ب50 ص 498 دارالڪتب العلميه بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی — جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی
بس اب اپنے اس جَہْل سے تُو نکل بھی — یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عقلمند ڪي گهرجي ته هو پنهنجي گذريل زندگيءَ جو جائزو وٺي پنهنجن گناهن تي شرمسار ٿي انهن کان سچي توبه ڪري، گهڻي عرصي تائين زنده رهڻ جي اميد جي ڏوڪي ۾ نه پوي بلڪ قبر ۽ آخرت جي تياريءَ لاءِ فورًا نيڪ عمل ۾ لڳي وڃي. دولت ۽ مال ۽ ٻارن ٻچن جي محبت ۾ نه نيڪيون ڇڏي، نه گناهن ۾ پوي، ڇو ته انهن جو ساٿ ته گهڙي پل جو آهي ۽ نيڪيون قبر ۽ آخرت بلڪ دنيا ۾ به ڪم اينديون .

عزیز، اَحباب، ساتھی، دم کے ہیں، سب چھوٹ جاتے ہیں
جہاں یہ تار ٹوٹا، سارے رِشتے ٹوٹ جاتے ہیں

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** آخرت جو اهڙو فڪر ان وقت حاصل ٿي سگهندو آهي جڏهن اسان موت کي هر وقت پنهنجي اکين جي سامهون رکون ۽ هن فنا ٿيڻ واري گهر جي فاني شين جي دل ۾ ڪا اهميت ئي نه رکون بلڪ جڏهن به هن دنيا جي ڪنهن شيءِ کي ڏسي خوشي حاصل ٿئي ته فوراً هيءَ ڳالهه ياد ڪريون ته عنقريب هيءَ فنا ٿي ويندي يا مان ان کي ڇڏي هليو ويندس

جب اس بزم سے اُٹھ گئے دوست اکثر　　اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر

یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر　　یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیونکر

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## بارونق گهر ڏسي روئي پيا

حضرت سيّدنا ابن مُطِيع عليه رحمة السّميع هڪ ڏينهن پنهنجي بارونق گهر کي ڏٺو تہ خوش ٿيا پر پوءِ فورًا روئڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون: اي خوبصورت گهر! الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن موت نہ هجي ها تہ مان تو ڪان خوش ٿيان ها ۽ آخرڪار! جيڪڏهن سوڙهي قبر ۾ وڃڻو نہ هجي ها تہ دنيا ۽ ان جي رونقن سان منهنجون اکيون ٺڏيون ٿين ها، اهو فرمائڻ ڪان پوءِ پاڻ ايترو رُنا جو سڏڪن ۾ پئجي ويا.

(اتحاف السادة المتقين ج14 ص 32 دارالكتب العلميه بيروت)

## مَلَكُ المَوت فرمايو

روايت آهي تہ مَلَڪُ الموت حضرت سيّدنا عزرائيل عليه الصلوٰة والسلام ڪنهن شخص جو روح قبض ڪرڻ لاءِ آيا، ان پڇيو تہ توهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: تہ مان اهو آهيان جيڪو بادشاهن ڪان ناهي ڊڄندو، مَحَلاّتن (جا هٿيار بند چوڪيدار) جنهن کي روڪي نہ ٿا سگهن ۽ جيڪو رِشوتون قبول ناهي ڪندو. ان شخص چيو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

پوءِ تہ توهان مَلَڪُ الموت علیہ الصلٰوۃ والسلام آهيو، افسوس! مون تہ (اجا) موت ۽ ان کان پوءِ وارن معاملن جي تياري ئي ناهي ڪئي، فرمايائون: اي شخص! تنهنجو فلاڻو پاڙيسري ڪٿي آهي؟ تنهنجو فلاڻو مائٽ ڪيڏانهن ويو؟ عرض ڪيائين: اهي مري ويا آهن. فرمايائون: ڇا تنهنجي لاءِ انهن جي موت ۾ ڪا عبرت نہ هئي جو (نصيحت حاصل ڪري) آخرت جي تياري ڪرين ها؟ پوءِ ان جو روح قبض ڪري ڇڏيائون. (المستطرف ج 2 ص 474 دارالفکر بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪامياب ۽ عقلمند اهو ئي آهي جيڪو ٻين کي مرندو ڏسي، پنهنجي موت کي ياد ڪري ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ڪري جيئن بُزُرگانِ دين رحمھم اللہ تعالیٰ جو قول آهي تہ اَلسَّعِيدُ مَن وُّعِظَ بِغَيرِهٖ يعني: **سعادت مند آهي اهو جيڪو ٻين کان نصيحت حاصل ڪري.** (اتحاف السادة المتقين ج 14 ص 32 دارالکتب العلميہ بيروت)

## موت جو تصور

**غفلت** سان موت کي ياد ڪرڻ سان هيءَ سعادت حاصل نہ ٿيندي جو ان طرح تہ انسان هميشہ جنازا ڏسندو ئي رهندو آهي ۽ ڪڏهن پنهنجن هٿن سان انهن کي قبر ۾ لاهيندو آهي، **موت جي تصور** جو بهتر طريقو هي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ دل کي هر طرح جي دنياوي خيالن کان پاڪ ڪري پوءِ پهريان پنهنجن انهن دوستن ۽ مائٽن کي ياد ڪريو جيڪي وفات ڪري

ويا آهن، پنهنجي اوڙي پاڙي ۾ رهڻ وارن فوت ٿيلن مان هڪ هڪ کي ياد ڪريو ۽ خيالن ئي خيالن ۾ انهن جا چهرا سامهون آڻيو ۽ سوچيو تہ اهي ڪيئن دنيا ۾ پنهنجي پنهنجي منصب ۽ ڪم ۾ مشغول، ڊگهيون ڊگهيون اميدون رکي دنياوي تعليم جي ذريعي مستقبل جي بهتري جي لاءِ ڪوششون ڪندا هئا ۽ اهڙي ڪمن جي تدبير ۾ لڳل هئا جيڪي شايد سالن تائين بہ مڪمل نہ ٿي سگهن، دنياوي ڪاروبار لاءِ هو طرح طرح جون تڪليفون ۽ ڏکَ برداشت ڪندا هئا، اهي فقط هن دنيا جي لاءِ ئي ڪوششن ۾ مصروف هئا، ان جون آسائشون انهن کي محبوب ۽ انهيءَ جو آرام انهن کي پسند هو. هو ائين زندگي گذاري رهيا هئا ڄڻ انهن کي ڪڏهن مرڻو ئي ناهي، ائين ئي هو موت کان غافل، خوشين ۾ بدمست ۽ راندين تماشن ۾ مست هئا. انهن جا ڪفن بازار ۾ اچي چڪا هئا پر هو ان کان بي خبر دنيا جي لذتن ۾ گم هئا، آهہ! انهيءَ بي خبريءَ جي عالم ۾ اهي اوچتو موت جو شڪار ٿي ويا ۽ قبرن ۾ پهچايا ويا، انهن جا ماءُ پيءُ غم ۾ بي حال ٿي ويا، انهن جون بيواهہ (عورتون) بي حال ٿي ويون، انهن جا ٻار سڏڪندا رهجي ويا، انهن جي مستقبل جي حسين خوابن جو آئينو ڀڄي ڀورا ڀورا ٿي ويو، اميدون برباد ٿي ويون، انهن جا ڪم اڌورا رهجي ويا،

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

دنيا جي لاءِ انهن جون سڀ محنتون بيڪار ويون، وارث انهن جي ملڪيت ورهائي مزي سان کائي رهيا آهن ۽ انهن کي وساري ڇڏيو اٿن، اهو تصوّر ڪرڻ کان پوءِ هاڻي انهن جي قبر جي حال جي باري ۾ غور ڪريو ته انهن جا جسم ڪيئن ڳري سڙي ويا هوندا، آهه! انهن جا حسين چهرا ڪيئن بگڙي ويا هوندا، اهي جڏهن ٺهڪ ڏئي کلندا هئا ته انهن جي وات مان گل ڪرندا هئا پر آهه! هاڻي انهن جا اهي چمڪدار خوبصورت ڏند ڇڻي چڪا هوندا ۽ وات ۾ پُونءِ پئجي وئي هوندي، انهن جون ٺلهيون خوبصورت اکيون نڪري اچي ڳلن تي پيون هونديون. انهن جا ريشم جهڙا وار قبر ۾ وکري ويا هوندا، انهن جي سنهڙي ڊگهي خوبصورت نڪ ۾ ڪيڙا پئجي ويا هوندا، انهن جي گلاب جي پتن جهڙي نازڪ چپن کي ڪيڙا کائي رهيا هوندا، اهي ننڍڙا ننڍڙا ٻار جن جي ٻاتڙي ٻوليءَ سان ڏکايل دليون خوش ٿي وينديون هيون، مرڻ کان پوءِ انهن جي زبانن تي ڪيڙا چنبڙيل هوندا، نوجوانن جا رشڪ جهڙا صحتمند ۽ ورزشي جسم خاڪ ۾ ملي ويا هوندا، انهن جا سيئي جوڙ الڳ الڳ ٿي چڪا هوندا.

هي تصور ڪرڻ کان پوءِ هي سوچيو ته آهه! اهو ئي حال عنقريب منهنجو به ٿيڻ وارو آهي، مون تي به سڪرات جي

ڪيفيت ايندي. اکيون ڇت ۾ لڳل هونديون، مٽ مائٽ گڏ ٿي ويندا، امان مون کي ”منهنجو لال منهنجو لال“ چئي رهي هوندي بابو مون کي ”پٽ پٽ“ چئي پڪاري رهيو هوندو، ڀينرن جي طرف کان ”ادا ادا“ جو آواز اچي رهيو هوندو، چاهيندڙ سڏڪا ۽ آهون ڀري رهيا هوندا پوءِ ان روح راڙي جي ماحول ۾ روح قبض ڪيو ويندو، ڪو اڳتي وڌي منهنجون اکيون بند ڪندو، مون تي ڪپڙو ويڙهيو ويندو مٽن مائٽن جي روئڻ سان ڪهرام مچي ويندو، پوءِ غسل ڏيندڙ کي گهرايو ويندو، مون کي غسل جي تختي تي ليٽائي غسل ڏنو ويندو ۽ ڪفن پارايو ويندو، روح راڙي ۾ منهنجو جنازو ان گهر مان روانو ٿيندو جنهن گهر ۾ مون سڄي عمر گذاري هئي، ڪلهه تائين جن منهنجا ناز ۽ نخرا برداشت ڪيا هئا، اڄ اهي ئي منهنجو جنازو ڪڍي قبرستان ڏانهن هلڻ لڳندا، پوءِ مونکي قبر ۾ لاهي منهنجا مائٽ پنهنجن هٿن سان مون تي مٽي وجهندا ۽ پوءِ قبر جي انڌيري ۾ مون کي اڪيلو ڇڏي واپس موٽي ويندا، منهنجي دل وندرائڻ لاءِ ڪوبه اتي نه ترسندو. هاءِ! هاءِ! پوءِ قبر ۾ منهنجو جسم ڳرڻ شروع ٿي ويندو، ان کي ڪيڙا کائڻ شروع ڪندا، اهي ڪيڙا خبر ناهي منهنجي ساڄي اک ڦهريان کائيندا، يا کابي اک، منهنجي زبان ڦهريان کائيندا يا منهنجا چپ، هاءِ! هاءِ!

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي.

ڪيتريقدر آزاديءَ سان منهنجي جسم تي ڪيڙا چُري رهيا هوندا، نڪ، ڪن، ۽ اکين ۾ گهڙي رهيا هوندا، ايئن ئي پنهنجي موت ۽ قبر جي حالات جو واري واري سان تصور ڪريو پوءِ مُنڪَر نَڪِير جي آمد، انهن جي سوالن ۽ عذابِ قبر جو خيال دل ۾ آڻيو ۽ پنهنجو پاڻ ڪي انهن پيش ايندڙ معاملن ڪان ڊيڄاريو.

هن طرح "فڪرِ مدينه" جي ذريعي موت جو تصور ڪرڻ سان ان شآءَالله عزّوَجلّ دل ۾ موت جو احساس پيدا ٿيندو، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جو ذهن بڻجندو، موت ڪي ياد ڪرڻ لاءِ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو اوندهه ڪري يا اڪيلائيءَ ۾ اها ئي "ويران محل" نالي واري بيان جي ڪيسٽ ٻڌڻ ۽ هي شعر پڙهڻ ٻڌڻ ان شآءَالله عزّوَجلّ بيحد فائديمند رهندو.

## موت جي ياد ڏيارڻ وارا اشعار

قبر روزانہ یہ کرتی ہے پُکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بے شُمار

یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی

میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں مگر اَعمال لیتا آئے گا

نَرم بستر گھر پہ ہی رَہ جائیں گے
تجھ کو فرشِ خاک پر دفنائیں گے

جب اندھیری قبر میں تُو جائے گا
رَوئے گا چِلائے گا گھبرائے گا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

کام مال وزر وہاں نہ آئے گا — غافل انساں یاد رکھ پچھتائے گا
جب ترے ساتھی تجھے چھوڑ آئیں گے — قبر میں کیڑے بدن کو کھائیں گے
قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا — یاد رکھ نازُک بدن پھٹ جائے گا
تیرا اِک اِک بال تک جَھڑ جائے گا — خوبصورت جِسْم سب سَڑ جائے گا
آہ اُبَل کر آنکھ بھی بَہہ جائے گی — کھال اُدھڑ کر قبر میں رَہ جائے گی
سانپ بچھّو قبْر میں گر آگئے — کیا کرے گا بے عمل گر کھا گئے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان جا اسلاف رحمھم اللہ تعالیٰ هر وقت موت ۽ قبر و آخرت کي پيشِ نظر رکندا هئا اهو ئي سبب آهي ته اهي گناهن کان پري ۽ نيڪين لاءِ تيار رهندا هئا ۽ هن فنا ٿيندڙ گهر جي عارضي لذتن ۾ گم ٿي ڪري مطمّئن ٿي وڃڻ بدران خدا جي خوف کان روئندا هئا، جيئن:

## قبر جي ڏکي رات

حضرت سيّدنا يزيد رقاشي عليہ رحمۃ اللہ الشّافعي فرمائن ٿا ته اسان عامر بن عبدالله رَحْمَۃُ اللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ وٽ حاضر ٿياسين، پاڻ روئي سڏڪا پري رهيا هئا، اسان روئڻ جو سبب پڇيو ته فرمائڻ لڳا: مون کي ان (طويل ترين) رات جو خوف روئاري رهيو آهي جنهن جي صبح تي قيامت جو ڏينهن آهي، يعني قبر جي رات جي هوش اڏائيندڙ تصور تڙپائي رکيو آهي. (المجالسہ ج 1 ص 199 طبع دارالکتب العلميہ بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قبر ۽ حشر جي معاملن کي سامهون رکندي اسانجا اسلاف رحمھم اللہ تعالیٰ اسان کي به موت جي ياد ۽ ان

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

جي اچڻ کان اڳ ان جي تياري ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندا آهن جيئن،

## موت جي ياد ڇو ضروري آهي!

حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيّدنا امام محمّد غزالي عليه رحمة الله الوالي فرمائن ٿا ته: اهو شخص جو موت، جنهن جي ڪِرڻ جو وقت هجي، مٽي جنهن جو بسترو هجي، قبر جنهن جو نڪاڻو، زمين جو پيٽ جنهن جي قيام گاهه، ڪيڙا جنهن جا ساٿي، مُنڪَر نَڪِير جنهن جا امتحان وٺندڙ، قيامت جنهن لاءِ واعدي وارو هنڌ ۽ جنّت يا جهنّم جنهن لاءِ مستقبل ۾ ٿيڻ واري جڳهه هجي ان کي فقط موت جو ئي فڪر ڪرڻ گهرجي اهو صِرف ان جو ئي ذڪر ڪري، ان جي ئي تياري ڪري، ان جي ئي تدبير ڪري، ان جو ئي انتظار ڪري ۽ حق هي آهي ته پنهنجو پاڻ کي مُئلن ۾ شمار ڪري ۽ پاڻ کي مئل تصوّر ڪري ڇو ته چوڻي آهي: كُلُّ مَاهُوَ اٰتٍ قَرِيبٌ يعني اها شيء جيڪا اچي رهندي اها ويجهو آهي. (احياءُ العلوم ج 4 ص 475 دارالڪتب العلميه بيروت)

نبي آخِرُالزَّمان، سلطانِ جهان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو فرمانِ عِبرت نشان آهي: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس جو پڇاڻو ڪري ۽ موت کان پوءِ جي معاملات جي لاءِ تياري ڪري.

(جامع الترمذي ج 4 حديث 2467 ص 207 دارالفڪر بيروت)

بُزُرگانِ دين رحمهم الله تعالىٰ موت ۽ هن دنيا مان گذاري وڃڻ کي گهڻي ڪثرت سان ياد ڪندا هئا بلڪ اڪثر انهن تي موت، قبر ۽ حشر جي فِڪر ۽ خوفَ جو اهڙو غلبو ٿي ويندو هو جو انهن تي بيهوشي طاري ٿي ويندي هئي جيئن:

## طبيعت پڇڻ تي بيهوش

حضرت سيّدنا يزيد رقاشي عليه رحمة الله الشافي (کي جڏهن ڪو عرض ڪندو هو ڇا حال آهي؟ تہ) فرمائيندا هئا، موت جنهن جي واعدي جو وقت، زمين جي هيٺان جنهن جو نڪاڻو، قبر جنهن جو گهر، ڪيڙا جنهن جا ساٿي ۽ ان سان گڏوگڏ ان کي اَلفَزعُ الاَڪبر (وڏي گهبراهٽ يعني قيامت) جو بہ انتظار هجي تہ ان جو حال ڇا هوندو؟ اهو فرمائڻ ڪانپوءِ سندن تي رقت طاري ٿي ويندي هئي ايتري تائين جو روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ويندا هئا.

(المستطرف جلد 2 ص 477 دارالفڪر بيروت)

## صبح ڪهڙي حال ۾ ڪيو ؟

اهڙي طرح حضرت سيّدنا مالڪ بن دينار عليه رحمة الله الجبار کان ڪنهن پڇيو، توهان صبح ڪيئن ڪيو؟ تہ فرمايائون: ان شخص جو صبح ڪهڙي حال ۾ هوندو جيڪو هڪ گهر (يعني دنيا) کان ٻئي گهر (يعني آخرت) جي طرف وڃڻ وارو هجي ۽ ڪا خبر نہ هجي تہ نڪاڻو جنّت ۾ آهي يا دوزخ ۾.

(تنبيہ الغافلين ص 566 دار ابن ڪثير بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي به گهرجي ته انهن بزرگن جي مبارڪ مدني فڪر مان فيض وٺندي موت ۽ آخرت جي تياريءَ جو ذهن ٺاهيون ۽ هن بي ثبات، عارضي ۽ فاني دنيا تي اعتماد ۽ اطمينان جي بدران آخرت جي تياريءَ ۾ مشغول رهون .

## سڀ کان بهتر سفر جو ٿمر

اميرالمؤمنين حضرت سيّدنا عمر بن عبدالعزيز عليه رحمة العزيز پنهنجي هڪ خطبي ۾ ارشاد فرمايو: اي انسانو! دنيا توهان جو باقي رهڻ وارو ٺڪاڻو ناهي هي ته اهو ناپائيدار گهر آهي جنهن لاءِ الله تعاليٰ فنا ٿيڻ ۽ ان جي رهڻ وارن تي هتان ڪان رخصت ٿي وڃڻ لکي ڇڏيو آهي. عنقريب مضبوط ۽ آباد گهر ٽٽي ڀڄي ويران ٿي ويندا، ۽ انهن گهرن جا ڪيترائي اهڙا رهواسي جن تي رشڪ ڪيو ويندو آهي تمام جلدي موڪلائي ويندا، پوءِ اي انسانو! الله تعاليٰ توهان تي رحم فرمائي هن (دنيا) مان بهترين شيءِ (يعني نيڪيون) ڪٺي سني حال ۾ نڪرو، سفر جو ٿمر ڪٺي وٺو، بهترين سفر جو ٿمر تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي .

(احياءُ العلوم ج4 ص 484 دارالڪتب العلميه بيروت)

## دنيا برباد ٿي رهندي!

ڪروڙين شافعين جي عظيم پيشوا حضرت سيّدنا امام شافِعي رَحْمَةُ اللهِ تعاليٰ عَلَيْهِ هڪ دفعي بيان ۾ ارشاد فرمايو ته: ”بيشڪ دنيا غلطيءَ جو گهر ۽ ذلت جو مقام آهي، ان جي آبادي برباد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ٿيڻ واري آهي ۽ ان جا رهندڙ قبر ۾ پهچڻ وارا آهن، ان جو مقصد ان جي جدائيءَ تي مَوقُوف آهي، ۽ ان جي دولت مندي، تنگ دستي ڏانهن ڦرڻ واري آهي، ان ۾ زيادتي حقيقت ۾ تنگي آهي، ان ۾ تنگي دراصل آساني آهي، بس الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ گهٻرائي ڪري توبه ڪيو ۽ ان جي عطا ڪيل رزق تي راضي رهو. دارِبقا (يعني آخرت) جي اجر ڪي دارِفنا (يعني دنيا) جي بدلي ۾ ضايع نه ڪريو ۽ توهان جي زندگي ختم ٿيندڙ پاڇو ۽ ڪِرندڙ ديوار آهي پنهنجي عمل ۾ زيادتي ۽ اَمَل (يعني دنياوي اميد) ۾ ڪمي ڪريو. (الزهد وقصر الامل ص 61 مكتبة الغزالي دمشق)

## اڄ عمل جو وقت آهي !

حضرت سيّدنا علي المرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم هڪ دفعي ڪوفي ۾ خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: بيشڪ توهان جي باري ۾ مون کي هن ڳالهه جو خوف آهي ته ڪٿي توهان ڊگهيون ڊگهيون اميدون نه رکو ۽ خواهش جي پيروي ۾ نه لڳي وڃو، ياد رکو! ڊگهيون اميدون آخرت کي وسارائي ڇڏينديون آهن، ۽ خبردار! نفساني خواهش جي پيروي حق جي راهه کان ڀٽڪائي ڇڏيندي آهي. خبردار! دنيا عنقريب پٺي ڏيڻ واري ۽ آخرت جلد اچڻ واري آهي. اڄ عمل جو ڏينهن آهي سڀاڻي حساب جو ڏينهن هوندو، عمل جو نه. (الزهد وقصر الامل ص 58 مكتبه الغزالي دمشق)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

# دنيا آخرت جي لاءِ مخصوص آهي

حضرت سيّدنا عثمان غني رضى الله تعالىٰ عنه سڀ کان آخري خطبو جيڪو ارشاد فرمايو هو ان ۾ اهو به آهي ته: الله تعاليٰ تو کي دنيا فقط ان لاءِ عطا فرمائي آهي جو تون ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪرين ۽ ان لاءِ عطا ناهي فرمائي ته تون ان جو ئي ٿي ڪري رهجي وڃين، بيشڪ دنيا صرف فاني ۽ آخرت باقي آهي. توکي فاني (دنيا) ڪٿي ورغلائي ڪري باقي (آخرت) کان غافل نه ڪري وجهي، فنا ٿيڻ واري دنيا کي باقي رهڻ واري آخرت تي ترجيح نه ڏيو ڇو ته دنيا ختم ٿيڻ واري آهي ۽ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ڏانهن موٽڻو آهي. الله تعاليٰ کان ڊڄو ڇو ته ان کان ڊڄڻ ان جي عذاب لاءِ (روڪ ۽ ) ڍال آهي، ۽ ان عَزَّوَجَلَّ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي. (الزهد وقصرالامل صفحو 58 مڪتبة العزالي دمشق)

## مدني گل

**حضرت سيدنا ابوهريره رضى الله تعالىٰ عنه کان مروي آهي ته رسول الله صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون ـ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جو حِساب تمام آساني سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رَحمَت سان جنّت ۾ داخل فرمائيندو ـ صحابهءِ ڪِرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان عرض ڪيو ته يارسولَ الله صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن ـ فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري، ان کي عطا ڪريو،﴿2﴾جيڪو توهان سان تَعلُق ٽوڙي ان سان مَيلاپ ڪريو،﴿3﴾ جيڪو توهان تي ظُلم ڪري ان کي معاف ڪريو.**

(اَلمُعجَم الاَوسط لِلطبَراني ج4 ص 18 حديث 5064)

